

# سرديءَ جي باري ۾ دلچسپ معلومات

سنڌي

پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)**


رسالي جو نالون: سردي جي باري ۾ دلچسپ معلومات

ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1442ھ، جنوری 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# سردي جي باري ۾ دلچسپ معلومات

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## دعاءِ عطار


درود شريف جي فضيلت ........ 1
دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سردي ختم ٿي وئي ........ 2
چئن موسمن جي نعمت ........ 3
زماني کي برو چون ڪيئن؟ ........ 4
سردي ۽ گرمي ڪيئن ٿيندي آهي؟ ........ 5
خدا جي قدرت جا ڪرشما ........ 6
نادان انسان ........ 7
هر مشڪل آسان ........ 8
مومنن جي موسم بهار ........ 9
سردي کي خوش آمديد ........ 9
هر قدم تي نيڪيون ........ 10
اٻيان پويان گناهہ معاف ........ 10
ٻہ فرمانِ مصطفيٰ ........ 10
نيڪين ڀري سوچ ........ 11
روزو نہ ڇڏيو ........ 12
جيڪڏهن الله پاڪ چاهي ........ 13
افضل عمل ........ 13
سخت سردي ۾ قميص جو صدقو ........ 14
نيڪ وزير ........ 15
ايمان افروز حسرت ........ 17

سردي کان حفاظت جا ڪجهه مدني گُل ........................ 18
هيٽر جي استعمال ۾ احتياط ........................ 18
پنهنجي پارن کي هي کارايو ........................ 19
بادام (Almond) ........................ 19
پِستا (Pistachio) ........................ 19
ڪاجو (Cashew) ........................ 20
ڪاچا(Peanut) ........................ 20
اَخروٽ (Walnut) ........................ 20
اِنجِير (Fig) ........................ 20

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# سردي جي باري ۾ دلچسپ معلومات

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”سردي جي متعلق دلچسپ معلومات“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي جهنم جي هر عذاب خاص طور ٿڌاڻ جي سخت عذاب کان بچائي جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلو عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا علامہ محمد بن عبد الرحمٰن سخاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”القول البَدِيع“ جيڪو درودِ پاڪ جي باري ۾ لکيو ويو آهي ان ۾ فرمائن ٿا: هڪ نيڪ شخص مصر ۾ رهندو هو جنهن کي ابو سعيد الخيّاط جي نالي سان پڪاريو ويندو هو اهو ماڻهن کان پري الڳ ٿلڳ رهندو هو ۽ ماڻهن سان ڪونہ ملندو هو. پوءِ اوچتو اهو حضرت سيّدنا ابنِ رَشيق جي محفل ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ لڳو، ماڻهو ڏاڍا حيران ٿيا ۽ ان کان هن جو سبب پڇيو ويو تہ ان ٻڌايو: الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ مونکي فرمايائون: هن جي محفل ۾ حاضر ٿيندو ڪر. چوته اهو پنهنجي محفل ۾ مون تي ڪثرت سان درود پڙهندو آهي. (القول البديع، ص60)

پوءِ جڏهن حضرت ابن رَشِيق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو انتقال ٿيو ته انهن کي خواب ۾ سٺي حالت ۾ ڏسي عرض ڪيو ويو: هي انعامات ملڻ جو سبب ڇا بڻيو؟ ارشاد فرمايائون: نبي پاڪ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ.(الصلات والبشر، ص 108)

ذاتِ والا پہ بار بار درود
بار بار اور بے شمار درود
بیٹھے اُٹھتے جاگتے سوتے
ہو الٰہی مرا شعار درود

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سردي ختم ٿي وئي

جنتي صحابي، حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون هڪ سخت سردي واري رات ۾ فجر جي آذان ڏني پر مسجد ۾ ڪوبه ڪونه آيو ڪجھ دير ڪانپوءِ مون ٻيهر آذان ڏني پر هن ڀيري به ڪوبه نه آيو. جڏهن رسول الله صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو معاملو ڏٺو ته ارشاد فرمايائون: ”ماڻهن کي ڇا ٿيو آهي“؟ مون عرض ڪيو: ”سخت سرديءَ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ کان روڪي ڇڏيو آهي.“ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا فرمائي:”اي الله پاڪ! ماڻهن کان سردي کي دور ڪر.“ حضرت سيّدنا بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: (سردي ائين دور ٿي جو) مون ماڻهن کي صبح جي وقت گرمي سبب هٿ وارو پکو هٽندي ڏٺو. (ڪتاب الضعفاء للعقيلي، ج 1 ص 129)

اِجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا
دلہن بن کے نکلی دعائے محمد
اِجابت نے جھک کر گلے سے لگایا
بڑھی ناز سے جب دعائے محمد

**مشڪل لفظن جي معنيٰ: اجابت: قبوليت. جوڙو: لباس. ناز: فخر.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چئن موسمن جي نعمت

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ چار موسم پيدا فرمايا آهن، سردي، گرمي، بهار، سرءُ. هر موسم جون پنهنجون پنهنجون خاصيتون آهن ۽ هر هڪ جو پنهنجو مزو ۽ خاص ڦل ۽ سبزيون آهن. گرمي جي موسم ۾ ڪجھ فصل پچندا آهن، جيڪي انسان جي اهم ترين ضروريات مان آهن ۽ پگهر جي ذريعي ڪيئي بيماريون جسم مان ختم ٿينديون آهن جڏهن ته سردين ۾ ڪيئي طرح جي خشڪ ميون جي پيداوار ٿيندي آهي جيڪي انسان جي جسم جي لاءِ تمام گهڻا فائديمند آهن. بهار جي مند ۾ نه صرف هر طرف سرسبز وشادابي هوندي آهي بلڪ اکين کي تازگي بخشيندڙ رنگ برنگي گل ٽڙي پوندا آهن، دنيا ۾ اهڙا ملڪ تمام گهٽ آهن جتي هڪ سال ۾ اهي چارئي مندون ايندڙيون هجن، ڪٿي سڄو سال يا سال جي اڪثر ڏينهن ۾ سردي رهندي آهي ته ڪٿي گرمي، الله پاڪ جي رحمت تي قربان ٿجي! جو اسان جي پياري وطن ۾ هي چارئي مندون سال ۾ ايندڙيون آهن.

الله پاڪ جي پيدا ڪيل هر شيءِ، هر موسم سٺي آهي ۽ موسم جي تبديلي ۾ الله پاڪ جون بيشمار حڪمتون آهن. اسان ضعيف ۽ ڪمزور ماڻهو تمام جلدي گهٻرائجي ويندا آهيون، سخت گرمي ٿئي ته چوندا آهيون سردي جي موسم تمام سٺي آهي ڪاش! سردي

جلد ئي اچي وڃي، جڏهن سردي وڌندي آهي ته چوندا آهيون گرمي جي موسم اچي وڃي ته سنو آهي. گرمي جي شدت وڌي وڃي يا سردي وڌيڪ ٿي وڃي ته هر حال ۾ صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي، سردي ۽ گرمي کي برو چوڻ تمام بري ڳالهه آهي، ڪنهن موسم جي باري ۾ شڪوا شڪايت ڪرڻ وارو هڪ طرح کان موسم پيدا ڪرڻ واري الله پاڪ جي شڪايت ڪري رهيو آهي جڻ چئي رهيو آهي ته ڏسو! الله پاڪ ڪيتري سردي يا گرمي وڌائي ڇڏي آهي!

## زماني کي برو چوڻ ڪيئن؟

بخاري شريف حديث نمبر 6181، الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: انسان زماني کي گاريون ڏئي ٿو حالانڪ زمانو (ناهڻ وارو) ته مان آهيان ۽ ان(زماني) جا ڏينهن، راتيون منهنجي ئي قبضي قدرت هيٺ آهن.
(بخاري، ج. 4، ص. 150، حديث 6181)

صحيح مسلم حديث نمبر 2246، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: زماني کي برو نہ چئو ڇوتہ الله پاڪ ئي زماني کي پيدا فرمايو آهي. (مسلم، ص. 951، حديث 5862)

شارح مسلم، حضرت سيدنا امام شرف الدين نووي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه لکن ٿا: علماءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ الله پاڪ تي زماني جو اطلاق مجازي طور تي ڪيو ويو آهي ان جو سبب هي آهي تہ عربن جي عادت هئي تہ موت، پوڙهائپ يا مال جي ضايع ٿيڻ جهڙن حادثن ۽ مصيبتن تي زماني کي برو ڄاڻندي چوندا هئا ”هاءِ افسوس زماني جي بربادي“ تنهن تي الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: زماني کي برو نہ چوندا ڪيو

چو ته زمانو الله پاڪ پاڻ آهي يعني هنن حادثن ۽ مصيبتن کي پيدا ڪرڻ وارو الله پاڪ پاڻ ئي آهي ۽ اهو ئي انهن کي لاهڻ وارو آهي جڏهن توهان مصيبتن کي برو چوندؤ ته حقيقت ۾ اهو الله پاڪ کي برو چوڻ ٿيندو چو ته انهن کي پيدا ڪرڻ وارو ۽ انهن جو فاعل (يعني حالات بدلڻ وارو) الله پاڪ پاڻ ئي آهي. (شرح صحيح مسلم، 3/15)

سب کا پیدا کرنے والا، میرا مولا میرا مولا
سب سے افضل سب سے اعلیٰ، میرا مولا میرا مولا

جگ کا خالق سب کا مالک، وہ ہی باقی، باقی ھالک
سچا مالک سچا آقا، میرا مولا میرا مولا

مشڪل لفظن جي معنٰي: جڳ: دنيا. هالڪ: ختم ٿيڻ وارو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## سردي ۽ گرمي ڪيئن ٿيندي آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا اوهان ڄاڻو ٿا ته سردي ۽ گرمي جو اصل سبب ڇا آهي؟ جيئن ته بخاري شريف حديث نمبر 537 ۽ 538 ۾ آهي: دوزخ پنهنجي رب وٽ شڪايت ڪئي ته منهنجا ڪي عضوَ ڪن عضون ڪائي ڇڏيا ته ان کي ٻه ٻيرا ساهه ڪڻڻ جي اجازت ڏني وئي، هڪ سردي ۾ هڪ گرمي ۾. هي اها ئي تيز گرمي ۽ ٿڌ آهي جنهن کي توهان محسوس ڪندا آهيو ۽ بخاري شريف جي هڪ روايت ۾ هيئن آهي ته "جيڪا تيز گرمي توهان حاصل ڪيو ٿا اها دوزخ جي گرم ساهه مان آهي ۽ جيڪا تيز ٿڌاڻ توهان حاصل ڪيو

تا اها اُن جي ٿڌي ساهه مان آهي.“ (بخاري، ج. 1، ص. 199، حديث 537-538)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دوزخ جڏهن مٿي ساهه ڪڍندو آهي ته دنيا ۾ عام طور سردي جو زور هوندو آهي ۽ جڏهن هيٺ ساهه ڇڏيندو آهي ته عام طور گرمي جي شدت، هي حديث بلڪل ظاهري معنيٰ تي آهي ڪنهن تاويل يا توجيهه جي ضرورت ناهي، هر شيءِ ۾ ربّ تعاليٰ زندگي ۽ شعور رکيو آهي. (مرأة المناجيح، ج. 1، ص. 380)

## خدا جي قدرت جا ڪرشما

حضرت سيدنا امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: آسمان جي وچ مان سج ڪي هيڏانهن هوڏانهن مائل ٿيڻ ڪي ڏسو ايستائين جو ان جي سبب سردي، گرمي، سرءُ ۽ بهار جا موسم تبديل ٿيندا آهن. جڏهن سج آسمان جي وچ مان هيٺين طرف جهڪندو آهي ته هوا ٿڌي ۽ موسم ٿڌو ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن آسمان جي وچ ۾ بيهندو آهي ته سخت گرمي ٿي ويندي آهي ۽ جڏهن انهن ٻنهي جي وچ ۾ هوندو آهي ته موسم اعتدال وارو ٿي ويندو آهي. (احياءُ العلوم، ج. 5، ص. 466) سبحٰن الله! الله پاڪ جي شانِ قدرت جا ڪيترا حيران ڪندڙ رنگ آهن. سُبْحٰنَ اللهِ الْعَظِيمِ وَبِحَمْدِهٖ يعني الله پاڪ عظمت وارو آهي ۽ انهيءَ جي لاءِ تمام تعريفون آهن.

منهنجي آقا، اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڀاءُ شهنشاهه سخن، استاذ زمن، حضرت مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيترو پيارو شعر چيو آهي:

ہر شے سے ہیں عیاں مرے صانع کی صنعتیں
عالم سب آئنوں میں ہے آئینہ ساز کا

افلاک وارض سب ترے فرماں پذیر ہیں
حاکم ہے تو جہاں کے نشیب وفراز کا

**مشڪل لفظن جي معنيٰ:** **عيان**: ظاهر. **صانع**: بنائڻ وارو. **صنعت**: شيون. **آئينہ ساز**: بنائڻ وارو. **افلاڪ**: آسمان. **ارض**: زمين. **فرمان پذير**: فرمانبردار. **نشيب و فراز**: لهہ چڙهہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نادان انسان

اي عاشقانِ رسول! **سوچيو تہ سهي!** هي انسان بہ ڪيترو نادان آهي، جو گاڏي تائين پهچڻ کان پهريان ريموٽ سان گاڏي کولي ٿو، سردي اچڻ کان پهريان گرم ڪپڙن جو انتظام ڪري ٿو، رات جو گهر اچڻ کان پهريان ڪاڌي جو سامان وٺي اچي ٿو. ٻار جي پيدائش کان پهريان ڪپڙا تيار ڪري وٺي ٿو، رمضان المبارڪ ۾ عصر کان پهريان ئي افطاري جي تياري شروع ڪري وٺي ٿو، مينهن ۾ نڪرڻ کان پهريان ڇٽيءَ جو انتظام ڪري وٺي ٿو. ڊگهي سفر تي روانو ٿيڻ وقت، گاڏي، هوا، پاڻي، پيٽرول چيڪ ڪري وٺي ٿو، اونداهي ۾ نڪرڻ کان پهريان ٽارچ کڻي وٺي ٿو پر موت جيڪو يقيني طور اچڻ وارو آهي ان جي لاءِ بلڪل بہ تياري نہ ٿو ڪري. سردي، گرمي جو موسم تہ پنهنجي وقت تي ايندو ويندو آهي پر

اسان پنهنجي قبر و آخرت جي تياري چو نہ تا ڪريون!!! عظيم تابعي بزرگ حضرت ابو عبداللّٰه صُنَابِحِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: ”اسان گرمي سردي جا موسم ڏسندي ڏسندي دنيا مان هليا ويندا آهيون (يعني آخرت جي لاءِ ڪجهه عمل ناهيون ڪندا.)“ (الله والوں کی باتیں، ج. 5، ص. 166، بتغير)

ڪس بلا کی مے سے سرشار ہم
دن ڈھلا ہوتے نہیں ہشیار ہم

مشڪل لفظن جي معنيٰ: بلا: مصيبت. مے: نشو، مستي. سرشار: مدهوش. هوشيار: بيدار.

شرح ڪلام رضا: ياالله پاڪ! شيطان اسان کي (گناهن ۽ فضوليات) جي نشي ۾ ڪيتري قدر بدمست ڪري ڇڏيو آهي جو زندگي گذرندي پئي وڃي ۽ اسان هوش ۾ اچڻ جو نالو ئي نہ تا وٺون.

کچھ نیکیاں کمالے جلد آخرت بنا لے     بھائی نہیں بھروسا ہے کوئی زندگی کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر مشڪل آسان

حضرت سليمان داراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن تا: نفس جي مخالفت افضل ترين عمل آهي. (تفسير ڪبير، ج. 1، ص. 431) حضرت احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان جو خلاصو آهي: جيڪو ايمان جي حلاوت (يعني مٺاڻ) حاصل ڪندو آهي اهو وڏيون وڏيون مشقتون (يعني مشڪل

ڪم) خوشي سان برداشت ڪري ونندو آهي جيئن سياري جي نماز، ڪربلا جو ميدان ان جي هميشه رهڻ واري مثال آهي. (مراۃ المناجيح، ج. 1، ص. 30)

## مومن جي موسم بهار

اي عاشقانِ رسول! سردي مومن ٻانهي جي لاءِ بهار جي موسم آهي ڇو ته جڏهن سردي جي موسم ايندي آهي ته مومن ٻانهو بُک ۽ اُڃ جي تڪليف برداشت ڪرڻ جي بغير ئي ڏينهن ۾ روزو رکي سگهي ٿو ڇو ته ڏينهن ننڍو ۽ ٿڌو هوندو آهي تنهنڪري روزي جي تڪليف ايتري محسوس ناهي ٿيندي. جيئن ته ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: سردي جا روزا ٿڌي غنيمت آهن. (ترمذي، ج. 2، ص. 210، حديث 797) هڪ ٻئي مقام تي رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سردي جي موسم مومن لاءِ ”موسمِ بهار“ آهي ڇو ته ان ۾ ڏينهن ننڍا هوندا آهن ته مومن ان ۾ روزا رکندا آهن ۽ ان جون راتيون وڏيون هونديون آهن ته اهي ان ۾ قيام ڪندا (يعني نفل وغيره پڙهندا) آهن. (شعب الايمان، ج. 3، ص. 416، حديث 3940)

## سردي تي خوش آمديد

جنتي صحابي، حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سردي جي موسم جي اچڻ تي فرمائيندا هئا: سردي کي خوش آمديد، ان ۾ الله پاڪ جون رحمتون نازل ٿينديون آهن ڇو ته سجيءَ رات عبادت ڪرڻ واري لاءِ ان جون راتيون وڏيون ۽ روزيدار جي لاءِ ڏينهن ننڍو هوندو آهي. (فردوس الاخبار، ج. 2، ص. 349، حديث 6808)

## هر قدم تي نيڪيون

”بنو سلمہ“ انصار جو هڪ قبيلو هو انهن جو گھر مسجد النبوي شريف کان پري هو اهي رات جي اونداهي ۾، مينهن جي وقت ۾ سخت سردي ۾ بہ باجماعت نماز جي ڪوشش فرمائيندا هئا. پنهنجي امت سان پيار ڪرڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي خوشخبري ارشاد فرمائي تہ ”توهان جي هر قدم تي نيڪيون لکيون ويندڻيون آهن.“ (مرقاة المفاتيح، ج. 2، ص. 404، تحت الحديث 770، مسلم، ص. 262، حديث 1519)

## اڳيان پويان گناهہ معاف

جنتي صحابي، مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت سيدنا عثمان غني ذو النورين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ ٿڌي رات ۾ نماز جي لاءِ وڃڻ جو ارادو فرمايو تہ وضو جي لاءِ پاڻي گھرايو پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجو چهرو ۾ ٻئي هٿ ڌوتا. غلام عرض ڪيو: اللّٰه پاڪ اوهان جي ڪفايت ڪري رات تہ تمام ٿڌي آهي. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: مان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ ”جيڪو ٻانهو ڪامل (يعني پورو) وضو ڪندو ان جا اڳيان پويان گناهہ معاف ڪيا ويندا.“ (الترغيب و الترهيب، ج. 1، ص. 93، حديث 11)

## ٻہ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) جنهن سخت سردي ۾ ڪامل وضو ڪيو ان جي لاءِ ثواب جا ٻہ حصا آهن. (مجمع الزوائد، ج. 1، ص. 542، حديث 1217)

(2) مشقت جي وقت وضو ڪرڻ واري کي قيامت جي ڏينهن عرش جو سايو نصيب ٿيندو. (اتحاف، ج. 10، ص. 385، حديث 10100)

دے شوق تلاوت دے ذوقِ عبادت　　رہوں باوضو میں سدا یاالٰہی
میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت　　ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی
میں پڑھتا رہوں سنّتیں، وقت پر　　ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪين پيري سوچ

حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سردي مومن ٻانهي جي لاءِ ڪيڏو سٺو زمانو آهي! رات وڏي هوندي آهي، ٻانهو رات ۾ نماز جي لاءِ قيام ڪندو آهي ۽ ڏينهن ننڍو هوندو آهي تہ ٻانهو روزو رکي وٺندو آهي. (لطائف المعارف، ص. 373،372)

حضرت سيدنا عبيد بن عمير رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن سردي ايندي آهي تہ اهلِ قرآن کي چيو ويندو آهي توهان جي نماز جي لاءِ رات طويل (يعني وڏي) ٿي وئي ۽ روزن جي لاءِ ڏينهن ننڍو ٿي ويو. (احاديث الشتاء للسيوطي، ص. 97)

پياري پياري اسلامي ڀائرو! زندگي تمام مختصر آهي اسان هر وقت موت جي ويجهو ٿيندا پيا وڃون، زندگي جون جيڪي ڪجھ گهڙيون باقي آهن انهن کي غنيمت سمجهندي الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ۾ گذاريو، سردي جي مشقت تي صبر ڪري ثواب ڪمايو ڇو تہ اَفْضَلُ الْاَعْمَالِ اَحْمَزُهَا (يعني افضل ترين عمل اهو آهي جنهن ۾ مشقت وڌيڪ هجي)، گهڻيون عبادتون ڪيو، سنتن تي عمل ڪيو، نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو، مدني

قافلن ۾ سفر ڪيو ۽ نيڪ اعمال جو رسالو پري آهستي آهستي ان تي پنهنجو عمل وڌائيندا وڃو، تہ لڳندي هجي ۽ جسم سردي کان ڏڪندو هجي، وضو ڪيو ۽ نمازِ باجماعت جو خاص اهتمام فرمايو چو تہ حضرت سيدنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو عمل دنيا ۾ جيترو مشڪل هوندو ميزانِ عمل ۾ اهو اوترو ئي وڌيڪ ڳرو هوندو. (تذڪرة الاولياء، ص. 95)

## روزو نہ ڇڏيو

رمضان المبارڪ ۾ هڪ ڀيرو صدر الشريعہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سخت سردي جو بخار چڙهي ويو ان ۾ تمام گهڻي تڪ لڳي ۽ سخت بخار چڙهيو پڻ اُڄ جي سختي بہ ناقابل برداشت هئي، ظهر کان پوءِ خوب سردي ٿيندي هئي ۽ بخار چڙهي پوندو هو پر قربان وڃجي! هن حال ۾ بہ ڪو روزو نہ ڇڏيو. (تذڪر صدر الشريعہ، ص. 23)

اي عاشقانِ رسول! حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن ابتدائي ڏينهن ۾ قرآنِ پاڪ ختم ڪيو، شام تائين فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا آهن ۽ جنهن رات جي ابتدائي حصي ۾ ختم ڪيو، صبح تائين استغفار ڪندا آهن. (غنية المتملي، ص. 496)

بهار شريعت جلد 1 صفحي 551 تي آهي: گرمين ۾ چوتہ ڏينهن وڏو هوندو آهي تہ صبح جي (وقت قرآن ڪريم) ختم ڪرڻ ۾ ملائڪن جي استغفار (يعني ملائڪن جي دعاءِ مغفرت) وڌيڪ ٿيندي ۽ سردي جون راتيون وڏيون ٿينديون آهن تہ رات جي ابتدائي حصي ۾ (قرآن ڪريم) ختم ڪرڻ سان استغفار وڌيڪ ٿيندو.

## جيڪڏهن الله پاڪ چاهي

حضرت سيدنا ابو سليمان رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه حج جي سفر ۾ هڪ بزرگ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه کي ڏٺو تہ سخت سردي ۾ پراڻا ڪپڙا پائي پگهر ۾ ٻڏل هو. پاڻ ان کان حال احوال پڇيو، تہ انهن فرمايو: گرمي ۽ سردي تہ الله پاڪ جون بہ مخلوقات آهن، الله پاڪ حڪم فرمائي تہ سردي ۽ گرمي مون تي ڇانئجي وڃي تہ مون کي سردي ۽ گرمي لڳندي رهي ۽ جيڪڏهن اهو رب ڪريم حڪم فرمائي تہ سردي ۽ گرمي منهنجي ويجهو بہ نہ اچي. ان بزرگ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمايو: مان 30 سالن کان هن جنگل ۾ آهيان، الله پاڪ مون کي سردي ۾ پنهنجي محبت جي گرمائش عطا فرمائيندو آهي ۽ گرمي ۾ پنهنجي محبت جي ٿڌاڻ بخشيندو آهي. (لطائف المعارف، ص. 376، اسلامي مهينن جا فضائل، ص. 110)ل

محبت غیر کی دل سے نکالو یارسول اللہ     مجھے اپنا ہی دیوانہ بنادو یارسول اللہ

## افضل عمل

اي عاشقانِ رسول! منقول آهي: سردي جي موسم ۾ غريبن کان سردي پري ڪرڻ واريون شيون ايثار ڪرڻ گهڻي فضليت وارو عمل آهي. (لطائف المعارف، ص. 378) الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ سيپاري 6 سورة المائده، آيت نمبر 32 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَنۡ اَحۡيَاهَا فَكَاَنَّمَاۤ اَحۡيَا النَّاسَ جَمِيۡعًا ؕ

ترجموڪنزالايمان: ۽ جنهن هڪ جان کي بچايو ان ڄڻ سمورن ماڻهن کي بچايو.

امام فخر الدين رازي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”وَمَنۡ اَحۡيَاهَا“ مان مراد هي آهي تہ جنھن ڪنھن انسان کي هلاڪ ڪرڻ وارين شين جيئن سڙڻ، ٻڏڻ، تمام گهڻي بُک ۽ انتهائي گرمي يا سردي وغيره کان نجات ڏئي زنده ڪيو. (تفسير ڪبير، المائده، تحت الاية: 32، ج. 4، ص. 344)

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اُٹھیں
بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یا رب
رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دم
کریں نہ رخ مرے پاؤں گناہ کا یا رب

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## سخت سردي ۾ قميص جو صدقو

تابعي بزرگ حضرت سليمان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ملڪ شام ۾ رهڻ وارن مان هڪ شخص اچي مون کي چيو تہ مون کي حضرت صفوان بن سليم زُهري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي باري ۾ ٻڌايو، مون ان کي جنت ۾ داخل ٿيندي ڏٺو آهي، پڇيو ويو ڪهڙي عمل جي سبب؟ ان ٻڌايو: ڪنھن کي هڪ قميص پارائڻ جي سبب. حضرت سيدنا صفوان بن سليم زهري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان ڪنھن ان قميص جو تذڪرو ڪيو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ”هڪ ڀيري مان سخت سردي جي رات ۾ مسجد مان نڪتس تہ هڪ اگهاڙي شخص تي نظر پئي، مون پنھنجي قميص لاهي ان کي پارائي ڇڏي.“ (حلية الاولياء، ج. 3، ص. 188، رقم 3655، اسلامي مهينن جا فضائل، ص. 110)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ وزير

مخلوقِ خدا سان سنو سلوڪ ڪرڻ جو واقعو ملاحظ ڪيو: هڪ نيڪ وزير کي ٻڌايو ويو ته هڪ عورت جا چار يتميم ٻار اگهاڙا ۽ بُکيا آهن. وزير هڪ ماڻهو کي حڪم ڏنو ته جلدي وڃ ۽ انهن جي ضرورت جا ڪپڙا ۽ کاڌو وغيره انهن کي ڏئي اچ. پوءِ وزير پنهنجو (گرم) لباس لاهي ڇڏيو ۽ قسم کنيائين، خدا جو قسم! مان تيستائين لباس ڪونه پائيندس ۽ نه ئي وري گرمائش(سِيڪ) وٺندس جيستائين اهي ماڻهو واپس اچي مون کي ٻڌائي نه وٺن ته انهن يتيمن کي لباس پارائي ڇڏيو آهي ۽ انهن کي پيٽ ڀري کارايو آهي. جيئن ته انهن ماڻهن جڏهن واپس اچي ٻڌايو ته يتيمن ڪپڙا پائي ڇڏيا آهن ۽ پيٽ ڀري کاڌو اٿن، تڏهن نيڪ وزير پنهنجا ڪپڙا ٻيهر پاتا، ان وقت نيڪ وزير سردي سبب ڏکي رهيو هو. (لطائف المعارف، ص. 378، اسلامي مهينن جا فضائل، ص. 111)

مختصر سی زندگی ہے بھائیو!     نیکیاں کیجے، نہ غفلت کیجے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم جا نيڪ ٻانها ثواب ڪمائڻ جو ڪو موقعو هٿان وڃڻ ڪونه ڏيندا هئا. جيئن ته هيئر واقعي مان اوهان ٻڌو. الله پاڪ جي نعمتن مان هڪ عظيم نعمت ”لباس“ به آهي، لباس ۾ تمام گهڻيون خوبيون آهن. ستر پوشي (يعني شرم جي شين کي لڪائڻ)، زينت، سردي گرمي کان بچاءُ، نماز جي ادائيگي تنهنڪري هي عظيم الشان نعمتن مان آهن. (مرآة المناجيح، ج. 6،

ص 123) جهڙي طرح اسان پنهنجو پاڻ کي سخت سردي يا گرمي ۾ ٿڌ يا گرمي کان بچائڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا، زهي نصيب! پنهنجي چوڌاري رهڻ وارن غريب پاڙيوارن، رشتيدارن جو سخت سردي ۾ خيال رکيو وڃي، انهن کي گرم لباس ۽ ڪمبل وغيره پيش ڪيا وڃن بلڪ بي زبان جانورن تي بہ رحم ڪرڻ گهرجي ڇوتہ هي ويچارا پنهنجي تڪليف ۽ مصيبت ڪنهن کي وڃي ٻڌائيندا؟ ڪهڙي خبر اسان جو انهن سان ڪيل سنو سلوڪ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ مقبول ٿي وڃي ۽ اهو ئي مغفرت جو سبب بڻجي وڃي جيئن تہ حضرت (سيدنا شيخ ابو بڪر) شبلي (بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو ويو تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: الله پاڪ مون کي پنهنجي بارگاهہ ۾ بيهاري ارشاد فرمايو: توکي خبر آهي مون توکي ڇو بخشيو؟ مان پنهنجا اهي نيڪ عمل ياد ڪرڻ لڳس جيڪي بخشش جو ذريعو بڻجي سگهيا ٿي، تہ الله پاڪ ارشاد فرمايو: مون انهن عملن مان ڪنهن عمل جي سبب تنهنجي بخشش ناهي فرمائي. مون عرض ڪيو: اي منهنجا پيارا پيارا الله! پوءِ تو ڪهڙي سبب منهنجي مغفرت فرمائي؟ ارشاد فرمايو: هڪ ڀيري تون بغداد جي گهٽي مان گذري رهيو هُئين تہ تو هڪ ٻلي کي ڏٺو جنهن کي سردي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو تہ ان تي رحم ڪندي تو ان کي پنهنجي جُبّي(يعني ڪپڙن) ۾ لڪائي ڇڏيو هو تہ جيئن اها ڪهڙي طرح سردي کان بچي سگهي، لهٰذا ٻلي تي رحم ڪرڻ جي سبب مون اڄ توتي رحم فرمايو آهي. (حياة الحيوان، ج. 2، ص. 522) **الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن کي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کاش! عطار سے فرمائیں قیامت میں حضور لے مبارک کہ تجھے بخش دیا جاتا ہے

## ايمان افروز حسرت

الله پاڪ جي ولي حضرت عامر بن عبدالقيس رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو وصال شريف هنن ڪلمن کي ادا ڪندي ٿيو ان وقت پاڻ روئي رهيا هئا: مان موت جي ڊپ يا دنيا جي محبت ۾ ناهيان روئي رهيو، بلڪ مان هن خيال ۾ روئي رهيو آهيان ته هينئر مان دنيا مان پردو مَٽائي رهيو آهيان هاڻي گرمين جي روزن ۾ منجهند جي اُڃ ۽ سردي جي وڏين راتين ۾ قيامُ الّيل (رات جي عبادتن) جي لذت مون کي ڪڏهن ۽ ڪيئن نصيب ٿيندي؟ (آئينهٔ عبرت، ص 53)

اي عاشقانِ رسول! سردين ۾ خصوصًا فجر ۽ عشاء جي نماز نفسِ اماره تي مشڪل هوندي آهي ۽ افضل عمل اهو آهي جنهن ۾ مشقت وڌيڪ هجي.حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: افضل اهو آهي جنهن تي نفس کي مجبور ڪيو وڃي. حضرت صفوان بن سليم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه گرمين ۾ گهر جي اندر ۽ سياري ۾ ڇَت تي نماز پڙهندا هئا ته جيئن ننڊ نه اچي. ۽ سندن سجدي جي حالت ۾ انتقال ٿيو. (ذم الهوا، ص 56) الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی
عبادت میں گزرے مری زندگانی کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی

مسلماں ہے عطار تیری عطا سے　　　ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی

## سردي کان حفاظت جا ڪجھ مدني گُل

1. ٿلها جراب، موزا ۽ بند جوتن جو استعمال ڪريو.
2. (تي سگهي تہ ديسي) اُباريل آنن جو استعمال ڪريو. (ضرورت موجب پنهنجي ڊاڪٽر سان مشورو ڪيو)
3. جيترو ٿي سگهي ڪجھ دير اُس ۾ ويهو.
4. نزلو، زڪام ٿيڻ جي صورت ۾ ٻاڦ وٺو.
5. ڪُڙين ۽ چپن کي ڦاٽڻ کان بچائڻ جي لاءِ لِيڪوڊ گليسرين ۽ ويسلين جو استعمال ڪريو. (ماهہ نامہ فيضانِ مدينہ ربيع الآخر 1438 هہ، ص. 79، بتغير)

## هيٽر جي استعمال ۾ احتياط

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمائن ٿا: جيڪڏهن هيٽر هلايو تہ منهنجو مشورو اهو آهي تہ جڏهن ڪمرو گرم ٿي وڃي تہ سمهڻ کان پهريان هيٽر ضرور بند ڪريو جوتہ جڏهن ڪمرو گرم ٿي ويو تہ هاڻي ان کي هلائڻ جي ضرورت ناهي ۽ ان کي بند نہ ڪرڻ جي صورت ۾ خطرو بہ آهي. ڪجھ ماڻهو هيٽر هلائي ڪمرو بند ڪري سمهي رهندا آهن هي هڪ وڏي آزمائش آهي جوتہ بعض اوقات گيس ليڪ ٿي رهيو هوندو آهي ۽ خبر نہ پوڻ جي ڪري حادثو ٿي ويندو آهي. اخبارن ۾ بہ اهڙي قسم جون ڪيئي خبرون ڇپجنديون رهن ٿيون تہ هيٽر مان

گيس ليڪ ٿيڻ جي سبب ڏماڪو ٿيو ۽ هيترا ماڻهو مري ويا. هي احتياط صرف گيس واري هيٽر جي لاءِ ناهي بلڪ جيڪڏهن بجلي وارو هيٽر هجي ته اُن ۾ به باهه لڳڻ جو خطرو رهندو آهي تنهنڪري ان کي به بند ڪري سمهندا ڪيو.. (سردي کان بچڻ جا طريقا، ص. 3)

## پنهنجي ٻارن کي هي کارايو

صحت جي لاءِ خطرو بڻجڻ واريون ڪٽيون منيون گوريون يا ٽافين وغيره بدران پنهنجي ٻارن کي اُنهن جي عمر وغيره جو لحاظ ڪندي مناسب مقدار ۾ يا ڊاڪٽر جي مشوري جي مطابق فروٽ ۽ خشڪ ميوا ڪارايو ۽ پاڻ به الله پاڪ جي ڏنل انهن نعمتن مان فائدو وٺو. ڪجهه خشڪ ميون جا فائدا پيش ڪجن ٿا:

## بادام (Almond)

(1) سڀ بادام ڪوليسٽرول کان پاڪ هوندا آهن. (2) ڪؤڙا بادام يا ايراني بادام "ڪينسر" کي روڪڻ جي خصوصيت رکندا تا (3) بادام ۾ "ڪيلشيم" هوندو آهي جيڪو هڏين جي لاءِ ضروري آهي. (4) بادام کائڻ سان تيزابيت دور ٿيندي ۽ دل جي مرض جو خطرو گهٽ ٿيندو آهي. (5) بادام وارن ۽ جلد (Skin) جي لاءِ مفيد آهي ۽ رنگت به نکاريندو آهي. (پُٽ هجي ته اهڙو، ص. 33-34)

زیادہ گر دِماغی ہے ترا کام تو کھایا کر ملا کر شہد بادام

## پِستا (Pistachio)

پستا دل ۽ دماغ کي طاقت ڏيندا آهن. بدن کي ٿلهو ڪندا ۽

گڙدن جي ڪمزوري ختم ڪندا آهن، ذهن ۽ حافظو مضبوط ڪندا آهن. ڪنگهه جي علاج جي لاءِ پِستا فائديمند آهن.

## ڪاجو (Cashew)

ڪاجو جسم کي غذائيت ۽ دماغ کي طاقت ڏيندا آهن. جسم کي ٿلهو ڪندا آهن. نيراڻي ماکيءَ سان ڪاجو کائڻ سان ويسر جي بيماري ختم ٿيندي آهي. هڪ ڪوڙهه جي مريض ڪاجو گهڻي مقدار ۾ کائڻ سان صحتياب ٿي ويو.

## ڪاچا(Peanut)

ڪاڇن (مگيرن) جي ٻجن ۾ تمام گهڻي غذائيت هوندي آهي. ڪاچا پنهنجي فائدن ۾ ڪاجو ۽ اَخروٽن وغيره کان گهٽ ناهن. ڪاڇن جو تيل زيتون جي تيل جو بهترين نعم البدل آهي. (پٽ هجي ته اهڙو، ص 37)

## اَخروٽ (Walnut)

اَخروٽ بدهضمي کي ختم ڪري ٿو، اَخروٽ جو پُڪل مغز ٽِڏ واري ڪنگهه جي لاءِ فائديمند آهي. اَخروٽ کي چٻاڙي ڏڍ تي لڳائڻ سان ڏڍ جا نشان ختم ٿي ويندا آهن.

## اِنـجير (Fig)

حديث پاڪ ۾ آهي: ”اِنجير کائو! جو ته هي بواسير کي ختم ڪندو ۽ نِقرِس (يعني هڪ سور جيڪو پيڏين ۽ پيرن جي آڱرين ۾ ٿيندو آهي) جي لاءِ مفيد آهي.“ (الطب النبوي لابي نعيم، ص 485 حديث 467)

(1) اِنجير ۾ ٻين تمام ميون جي مقابلي ۾ بهترين غذائيت آهي.

(2) اِنجير بواسير ختم ڪندو ۽ جوڙن جي سور جي لاءِ فائديمند آهي.

(3) اِنجير نيراٽو ڪائڻ جا حيرت انگيز فائده آهن.

(4) اِنجير ٿلهي پيٽ کي ننڍو ڪندو ۽ ٿولهه ختم ڪندو آهي.

(5) اِنجير ۾ ڪنگهه ۽ سهڪي جو علاج آهي.

(6) اِنجير چهري جو رنگ خوبصورت ڪندو آهي.

(7) اِنجير اُڄ ختم ڪندو آهي. (پٽ هجي تہ اهڙو، ص 33 کان 43 ماخوذا)

